# تَبَرُّڪات جون بَرَڪتون

21-January-2020



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

21جنوري 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# تَبَرُّڪات جون بَرَڪتون

هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

...”تَبَرُّڪ“ ڇا کي چئبو آهي؟

✿...قرآنِ مجيد ۾ تَبَرُّڪات جي لاءِ ڪيترا ۽ ڪهڙا لفظ استعمال ٿيا آهن؟

✿...تَبَرُّڪات جي حوالي سان مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي تعليم

✿...تَبَرُّڪات جون ڪجھ برڪتون

پيشڪش
اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)
(شعبہ بیاناتِ دعوتِ اسلامی)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوتِ اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مسجد مسلمان جي پناهه گاهه آهي. مسجد ۾ ڪثرت سان اچڻ جي عادت بڻايو، اِنْ شَآءَاللّٰه! شيطان کان به حفاظت ٿيندي، گُناهن کان به محفوظ رهندا. هڪ ٻيو ڪم ڪريو! جڏهن به مسجد ۾ اچو، ياد ڪري اعتڪاف جي نيت به ڪري ونو! ان جا به 2 فائدا ٿيندا: پهريون اهو ته جيستائين مسجد ۾ رهندو، نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ٻيو اهو جو مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪندا ته ضمناً اهي شيون به جائِز ٿي وينديون.

## درود شريف جي فضيلت

صحابي رسول حضرت ابوطلحه انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن صبح جي وقت اسان الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي چهري تي خوشي جا آثار ڏٺا، صحابه ڪرام عليهم الرِّضْوَان ان جو سبب پڇيو ته فرمايائون: الله پاڪ پيغام موڪليو آهي: اي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اوهان جو اُمَّتِي اوهان تي هڪ دُرود پڙهندو، مان ان جي لاءِ 10 نيڪيون لکندس، ان جا 10 گُناهه

مٿائيندس، 10 درجات بلند فرمائيندس ۽ ايتري ئي رحمت موڪليندس.[1]

اُن پر دُرود جن کو کسِ بے کَساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے

**ڪلامِ اعليٰ حضرت جي وضاحت**: اهي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي غافلن جي سار سنڀار لهڻ وارا آهن، ان تي درود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات اعمال جو دارو مدار نيت تي آهي.[2]

**اي عاشقانِ رسول!** چڱي نيت جَنّت ۾ پهچائي ڇڏيندي آهي. هر نيڪ ۽ جائِز ڪم کان پهريان سٺيون نيتون ڪرڻ گهرجن! هن سان عَمَل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ جون ڪجھ سٺيون نيتون ڪيون ٿا، مان نيتون ڪرايان ٿو، اوهان دِل ۾ ارادو ڏسو ته اِنْ شَآءَاللّٰه چئي ان جو اظهار ڪريو: ✿ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ✿ عِلمِ دين جو ادب ڪندي اَدَب سان ويهندس ✿ بيان جا اَهم نڪتا (Points) لکي وٺندس ✿ بيان جون جيترِيون ڳالهيون ياد رهجي ويون، گهر وڃي گهروارن کي، ٻارن کي، دوست احباب کي ٻڌائي عِلم دِين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!          صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جي محبوب ۽ انهن سان نسبت رکڻ واري شيءِ کي عُرف ۾ تَبَرُّڪ چوندا آهن. الحمد لله! صحابہ ڪرام عليهم الرِّضْوَان

[1]...مُسْنَدِ اَحْمد، جلد:5، صفحہ:509، حديث:16352۔

[2]...بخاري، كِتَاب:بَدءُ الْوَحی، باب:كيف كان بدء الوحی...الخ، صفحہ:65، حديث:1۔

ڪان ونئي هاڻي تائين اسلامي معاشري جو معمول رهيو آهي تہ مسلمان تَبَرُّڪات جو ادب ڪندا آهن ۽ انهن مان برڪتون حاصِل ڪندا آهن. اَولِياءِ ڪرام جو لباس مُبَارَڪ هجي، انهن جي لباس جو ڌاڳو هجي، عمامو شريف، انهن جا وار مبارڪ، انهن جا استعمال ڪيل ٿانوَ وغيره ملي وڃن تہ اهڙين شين کي چُمندا، اکين تي لڳائيندا، مٿي تي رکندا، هٿ لڳائي پنهنجي جسم تي ڦيريندا، انهن جي وسيلي سان الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ دُعائون گهرندا آهن. ✿ تَبَرُّڪات جي ڪهڙي حيثيت آهي؟ ✿ ڇا قرآنِ ڪريم ۾ بہ تَبَرُّڪات جو ذِڪر آهي؟ ✿ هدايت ڀڻجي اينڌڙ نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ تَبَرُّڪات جي باري ۾ ڪهڙي تعليم ڏني؟ ✿ انهن تَبَرُّڪات مان ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون حاصِل ٿين ٿيون، ان باري ۾ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، الله پاڪ اسان کي قرآن ۽ حديث جي روشني ۾ دُرست ڳالھ ڪرڻ، ٻڌڻ ۽ عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلّى الله عليه واٰله وسلّم

## ڦورو مُحَافِظ ڀڻجي ويا

عرب جو هڪ شاعِر گذريو آهي: دِعبَل خُزاعِي. هڪ ڀيري هن اهلِ بيت جي شان ۾ قصيدو لکي اِمام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ حاضر ٿيو.

امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سَيد زاده آهن، سَيدُ الشُّهدَاء، مظلومِ ڪربلا، امام حسين رَضِيَ اللهُ عَنْه جي اَولاد مان آهن، امام موسيٰ ڪاظِم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا پٽ ۽ سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ جا بُزُرگ آهن، پاڻ 153 هجري تي مديني پاڪ ۾ پيدا ٿيا ۽ 50 سال جي عمر ماڻي 203 هجري ۾ دُنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا، تمام وڏا عالم، فاضِل، متقي، پرهيزگار، عبادت گذار ۽ باڪرامت ولي هئا.[1]

---

[1]...شرح شجره قادريہ، صفحہ:63، خلاصةً۔

**دِعبَل خُزَاعِي** امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي قصيدو ٻڌايو، تمام شاندار قصيدو هو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا. ان وقت جو خليفو مَامُونُ الرَّشِيد بہ اتي موجود هو، ان امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي خوش ڏسي **دِعبَل خُزاعِي** ڪي پنجاهہ هزار (50000) دينار (يعني سونا سِڪا) انعام طور ڏنا. **دِعبَل** انعام قبول ڪري امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي عرض ڪيو: سائين! خواهش آهي تہ پنهنجو استعمال ڪيل ڪو ڪپڙو عطا فرمايو، تہ جيئن مان ان ڪي ڪفن ٻڻائي سگهان. امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان جي خواهش پوري ڪئي ۽ هڪ ڪرتو ۽ هڪ ٽوال ان ڪي عطا ڪري فرمايائون: ”**انهن ڪي سنڀالي رکجان، اهي تنهنجي حفاظت ڪندا.**“ **دِعبَل** چوي ٿو: مون ڪي عراق وڃڻ جو اتفاق ٿيو، مون امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مُبَارَڪ ڪرتو ۽ ٽوال بہ ساڻ ڪنيو ۽ قافلي وارن سان گڏ روانو ٿيس. واٽ تي اوچتو اسان تي ڌاڙيلن حملو ڪيو ۽ قافلي جو تمام سامان ڪسي ڪٽي ويا، منهنجو بہ تمام سامان ڪسجي ويو هو. هاڻي مان رستي جي ڪناري تي پريشان حال وينو هيس، افسوس! ايترو قيمتي ڪرتو ۽ ٽوال مُبَارَڪ قسمت سان ئي مليا هئا سِي بہ ڌاڙيل ڪسي ويا، مون ڪي هر هر امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نصيحت ياد اچي رهي هئي تہ ”اهو ڪرتو ۽ ٽوال سنڀالي رکجان، اهي تنهنجي حفاظت ڪندا.“ افسوس! مان انهن ڪي سنڀالي نہ سگهيس.

انهيءَ ڏُک ۾ وينو سوچي ئي رهيو هيس تہ ڌاڙيلن جو سردار گهوڙي تي سُوار واپس موٽيو، پويان ان جي باقي ڌاڙيل بہ اچي پهتا، حيراني جي ڳالهہ اها هئي جو منهنجو لکيل قصيدو جيڪو مون امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪي ٻڌايو هو، ڌاڙيلن جو سردار اهو ئي قصيدو پڙهي رهيو هو، مون ڪي حيرت ٿي تہ ڌاڙيل ۽ اهلِ بيت سان اهڙي محبت...! مون موقعو ڏسي پنهنجو تعارف ڪرايو، جڏهن ان ڪي خبر پئي تہ مان ئي دِعبَل خُزاعِي آهيان ۽ اهلِ بيت جي

شان ۾ اهو قصيدو مون ئي لکيو آهي تہ اهلِ بيت جي محبت ڌاڙيلن جي سردار تي غالب آئي، ان جوشِ عقيدت ۾ قافلي وارن جو سمورو سامان واپس موٽائي ڏنو، الحمد للّٰه! مون کي امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ڪرتو ۽ ٿوال مُبَارَڪ ٻيهر ملي ويا. اللّٰه جو شان! ان تَبَرُّڪات جي برڪت ڏسو! اهي ئي ڌاڙيل جن ڪجھ دير پهريان ڦر لٽ ڪئي هئي، اسان جو تمام سامان ڦري ورتو هو، هاڻي اهي ئي ڦورو اسان جا محافظ بڻجي ويا ۽ پنهنجي حفاظت ۾ سڄي قافلي کي منزل تائين پهچايائون.[1]

صدقِ صَادِق کا تَصَدُّق صادِق الاِسْلام کر
بےغضب راضِی ہو کاظِم اور رضا کے واسطے

**شعر جي وضاحت**: ياالله پاڪ! توکي امام جعفر صادِق رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صِدق (يعني سچائي) جو واسطو مون کي پڪو سچو مسلمان بڻاءِ ۽ امام موسيٰ ڪاظِم ۽ امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِما جي صدقي مون تي غضب نہ فرماءِ بلڪ بي حِسَاب راضِي ٿي وڃ.

## اللّٰه جا محبوب ٻانهاءِ انهن جا تبرڪات

**اي عاشقانِ اولياء! اي عاشقانِ اهل بيت!** ڏٺو اوهان! امام علي رضا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ڪرتي ۽ ٿوال جي برڪت سان اللّٰه پاڪ قافلي وارن جي جان ۽ مال جي حفاظت فرمائي ۽ ڏسو! انهن جي حفاظت جو ذريعو اهڙي جڳھ تان ٿيو جتان انهن جو وهم ۽ گمان بہ نہ هو. بيشڪ اللّٰه پاڪ وڏي قدرتن وارو آهي، پنهنجي نيڪ ٻانهن سان محبت فرمائي ٿو، انهن جي صدقي، انهن سان نسبت رکڻ وارين شين جي صدقي وڏيون وڏيون مشڪلاتون حل فرمائي ٿو.

[1]...شَوَاہد نَبُوت، صفحہ:344، خلاصۃً۔

شاه وَلِي الله مُحَدّث دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جڏهن ٻانهو الله جو محبوب بڻجي ويندو آهي تہ ✿ الله ان کي پنهنجي نگاهہِ رحمت ۾ رکندو آهي ✿ اهو ٻانهو آسمانن جو گهوٽ ٿي ويندو آهي ✿ الله جو محبوب ٻانهو جنهن هنڌ هجي اتي ملائڪن جي ڇڄ لهندي آهي، ✿ اتي نور جي برسات ٿيندي آهي ✿ الله پاڪ جي رحمت هر وقت ان سان گڏ رهندي آهي ✿ جنهن شيء کي الله جي محبوب ٻانهي سان نسبت ٿي وڃي، الله جي رحمت ان تي بہ ٿيندي آهي، انهيء ڪري الله جي محبوب ٻانهن سان نسبت رکڻ واريون شيون، انهن جو لباس عام ماڻهن جي لباس کان، انهن جي استعمال ۾ رهندڙ ٿانوَ، عام ماڻهن جي ٿانوَن کان، انهن جي جاءِ نماز عام ماڻهن جي جاءِ نماز کان، انهن جو گهر عام ماڻهن جي گهر کان، انهن جا مزار وغيره عام ماڻهن جي نسبت اعليٰ ۽ ممتاز هوندا آهن.[1] اعليٰ حضرت جا والد محترم مولانا نقي علي خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عبادت جون برڪتون بيان ڪندي لکن ٿا: جيڪو ٻانهو ڪثرت سان الله پاڪ جي عبادت ڪري ٿو، الله پاڪ ان کي بابرڪت بڻائي ڇڏيندو آهي، ايستائين جو ماڻهو ان جي گهر ۽ ڪپڙن مان برڪت وٺندا ۽ فائدو ڪڻندا آهن.[2]

جو ہو اللہ کا ولی اس کا | فیض دُنیا میں عام ہوتا ہے[3]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## قرآنِ ڪريم ۾ ”تبرڪات“ جو ذِڪر

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ پنهنجي محبوب ٻانهن سان نسبت رکندڙ شين جو ڪثرت سان ذِڪر ڪيو آهي. قرآن مجيد ۾ تَبَرُّڪات

---

1...فُيُوضُ الْحَرَمين (مترجم)،صفحہ:60، خلاصةً۔

2...اَنْوارِ جمال مصطفےٰ،صفحہ:334، خلاصةً۔

3...وسائلِ بخشش، صفحہ: 441۔

جي لاءِ ٽي الفاظ بيان ٿيا آهن:

(1): اَثَر (2): سَڪينَه (3): شَعَائِرُ الله

## (1): پهريون لفظ: ”اَثَر“ ۽ ان جي وضاحت

بني اسرائيل ۾ هڪ شخص هو: موسيٰ سامري. عبرت جي ڳالهه آهي جو هڪ ئي وقت، هڪ ئي هنڌ، هڪ ئي قوم ۾ هڪ ئي نالي جا ٻه ماڻهو ٿيا پر ڪم ٻنهي جا مختلف هئا: (1): هڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام، هي الله پاڪ جا پيارا نبي آهن. (2): ٻيو موسيٰ سامِري، اهو ڪافِر مُنَافق هو. جڏهن الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام کي توريت شريف ڏيڻ لاءِ طور جبل تي گهرايو، پاڻ عَلَيْهِ السَّلام 40 **ڏينهن** اتي تشريف فرما رهيا، پويان سامري حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جي اڻ موجودگي جو فائدو وٺندي بني اسرائيل کي ورغلايو، انهن جا تمام زيورات ڦٻائي، انهن کي نرم ڪري گابو ٺاهيو، ظاهر آهي اهو گابو بي جان هو، ڳالهائي نه پئي سگهيو، چُري به نه پئي سگهيو پر سامري وٽ ڪا عجيب شيء هئي، ان اها شيء گابي جي وات ۾ وڌي ته هو زِنده ٿي ڳالهائڻ لڳو. هاڻي سامري بني اسرائيل کي چيو: اهو گابو توهان جو خدا آهي، ان جي عبادت ڪيو! [1] (اَسْتَغْفِرُ الله... اَسْتَغْفِرُ الله) هوڏانهن حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام کي جبل طور ئي تي سامري جي شرارتن جي خبر پئجي وئي، پاڻ جلال واري ڪيفيت ۾ واپس موٽيا ۽ سامري کان پڇيائون:

| | |
|---|---|
| قَالَ فَمَا خَطْبُكَ يٰسَامِرِيُّ ﴿۹۵﴾ (پاره:16،طٰهٰ:95) | ترجمو ڪنز الايمان: موسيٰ چيو هاڻي تنهنجو ڪهڙوحال آهي اي سامري. |

يعني: اي سامري! تو ائين ڇو ڪيو؟ ان جو سبب ٻڌاءِ.[2] سامري چيو:

---

1 ...تفسير صِرَاطُ الجنان، پاره:9، سورة اَعْرَاف، تحت الآية:148، جلد:3، صفحه:435، خلاصةً.

2 ...تفسير صراط الجنان، پاره:16، سورة طٰهٰ، تحت الآية:95، جلد:6، صفحه:235.

قَالَ بَصُرْتُ بِمَا لَمْ يَبْصُرُوْا بِهٖ فَقَبَضْتُ قَبْضَةً مِّنْ اَثَرِ الرَّسُوْلِ فَنَبَذْتُهَا
(پاره:16،سورۀ طٰهٰ:96)

ترجمو ڪنز الايمان: چيائين مون اهو ڏٺو جيڪو ماڻهن نہ ڏٺو هو پوءِ هڪ مٺ ڀري ورتم ملائڪ جي نشان وٽان، پوءِ ان کي ڦٽي ڪيم.

يعني: اي موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام! مون اهو ڏٺو جيڪو بني اسرائيل کي نظر نہ آيو، مطلب مون جبريل عَلَيْهِ السَّلام کي ڏسي انهن کي سڃاڻي ورتو، اهي گهوڙي تي سوار هئا، جيئن تہ مون انهن جي گهوڙي جي قدمن جي نشان تان مٽي جي هڪ مٺ کنئي، پوءِ ان کي گابي ۾ وجهي ڇڏيو، انهيءَ سبب سان اهو گابو زِنده ٿي ڳالهائڻ لڳو.[1]

ڏسو! **اي عاشقانِ رسول!** قرآنِ ڪريم حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام جي گهوڙي جي پيرن مان لڳڻ واري مٽي جي لاءِ لفظِ "اَثَر" اِستعمال ڪيو. ۽ سُبْحٰنَ اللهَ! ڪمال ڏسو! حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام الله جا پيارا آهن، اهي بيشڪ بابرڪت آهن پر واسطن جي ڪَٽپ ڪريو: حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام الله جا پيارا، انهن سان گهوڙي کي نسبت ٿي، گهوڙي جي قدمن کان مٽي کي نسبت ٿي، ان مٽي جي اندر الله پاڪ ايتري تاثير پيدا ڪئي جو اها مٽي لڳڻ سان بي جان گابي ۾ جان اچي وئي، اهو ڳالهائي نہ سگهندو هو سُو ڳالهائڻ لڳو. الله اڪبر! خبر پئي تہ تَبَرُّڪات زِندگي بخشيندا آهن، **انهن جي برڪت سان مرده دِليون زِنده ٿينديون آهن، مرده قومن کي عروج ملندو آهي** ۽ الله پاڪ تَبَرُّڪات جي اندر مُردي ۾ جان وجهڻ جي بہ طاقت پيدا ڪندو آهي.

## اهو خدمت گارن جو شان آهي!!!

**اي عاشقانِ رسول!** هن مقام تي هڪ ٻيو ايمان افروز نڪتو آهي. حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلام جن جي گهوڙي جي قدمن سان لڳڻ واري مٽي بي جان

[1]… تفسير صراط الجنان، پاره:16، سورۀ طٰہٰ، تحت الآية:95، جلد:6، صفحہ:235، بتغير۔

۾ جان وجهڻ جو اَثر رکندي آهي، اهي جبريل عَلَيۡهِ السَّلام ڪير آهن؟ ملائڪن جا سردار ۽ اسان جي پياري نبي، مُحَمَّد عربي صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جا خادِم. هاڻي اسان جو نہ چئون:

چاہیں تو اشاروں سے اپنے کایا ہی پلٹ دیں دُنیا کی
یہ شان ہے اُن کے غلاموں کی سرکار کا عالم کیا ہوگا

الله! الله! اندازو ڪريو! جڏهن خادم جي، گهوڙي جي قدمن مان لڳندڙ مٽي جو اهڙُو شان آهي تہ الله جي نعمت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جا مُبَارَڪ قدم جنهن خاڪ تي لڳي وجن ان خاڪ جو رُتبو ڇا هوندو! عاشقن جا امام، اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنت رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه ان خاڪ پاڪ جو شان بيان ڪن ٿا:

ذَرّے جھڑ کر تیری پیزاروں کے | تاجِ سَر بَنتے ہیں، سیاروں کے[1]

**شرح ڪلامِ رضا:** يارسول الله صَلَّى الله عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي نعلين شريف کي مُبَارَڪ قدمن سان نسبت ٿي، نعلين شريف کي مَٽي چميو، اها مٽي جيڪا نعلينِ پاڪ کان برڪت ماڻي رهي آهي، ان مٽي جا ذَرّا نعلين شريف کان جدا ٿين ٿا تہ انهن ذَرَّن کي آسمان جا سَيارا، سج، چنڊ، مشتري، زُحل وغيره پنهنجي مٿي جو تاج بڻائيندا آهن.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (2) ٻيو لفظ: "سڪينہ" ۽ ان جي وضاحت

ٻيو لفظ جيڪو قرآنِ ڪريم ۾ تبرڪات جي لاءِ استعمال ٿيو اهو لفظ آهي: "سَڪِينَہ" ان جي لفظي معني آهي: دل کي اطمينان ۽ سڪون ڏيڻ واري

1...حدائق بخشش، صفحہ:359۔

شيءِ. تابوتِ سڪينہ جو واقعو مشھور آھي، اللّٰہ پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ، ٻي سيپاري جي آخر ۾ ان کي بيان ڪيو، ٿيو ائين جو حضرت طالوت رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کي بني اسرائيل جو بادشاھ مقرر ڪيو ويو، بني اسرائيل ان فيصلي جي مخالفت ڪئي تہ طالوت تہ غريب آھي، اھو بادشاھ ڪيئن بڻجي سگھي ٿو؟ ان تي ان وقت جي نبي حضرت شمويل عَلَیْہِ السَّلام اللّٰہ جي حڪم سان فرمايو:

| | |
|---|---|
| اِنَّ اٰیَةَ مُلْكِهٖۤ اَنْ یَّاْتِیَكُمُ التَّابُوْتُ فِیْهِ سَكِیْنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ (پ2،البقرة:248) | ترجمو ڪنز الايمان: بيشڪ اُن جِي بادشاھيءَ جِي نِشاني توھان وٽ تابُوت جو اچڻ آھي جنھن ۾ اوھان جي پالڻھار طرفان دِليُن جِي تسڪِين آھي |

ھتي تابوت ۾ موجود شين کي اللّٰہ پاڪ سَڪينہَ فرمايو، ان صندوق ۾ ڇا ھو؟ اھو بہ قرآنِ ڪريم ئي کان پڇو، تہ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَبَقِیَّةٌ مِّمَّا تَرَكَ اٰلُ مُوْسٰى وَ اٰلُ هٰرُوْنَ (پاره:2،سورۂ بقره:248) | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ عزت ماٰب مُوسىٰ ۽ عزت ماٰب ھارون جي ترڪي جُون ڪُجھ بچيل شيُون آھِن، |

تفسير صراط الجنان ۾ آھي: ان تابوت ۾ توريت شريف جي تختين جا ٽڪرا، حضرت موسيٰ عَلَيْہِ السَّلام جا ڪپڙا ۽ نعلين شريف (يعني مُبَارَڪ جُتي)، حضرت ھارون عَلَيْہِ السَّلام جو عمامو ۽ لٺ مُبَارَڪ ھئي. بني اسرائيل کي ڪا مشڪل پيش ايندي ھئي تہ اھي ان تابوت کي سامھون رکي دُعا گھرندا ھئا، انھن جي دُعا قبول ٿيندي ھئي، ان تابوت جي برڪت سان انھن کي جنگن ۾ فتح ملندي ھئي.[1] خبر پئي تہ اللّٰہ جي محبوب ٻانھن سان نسبت رکندڙ شين

[1]…تفسير صراط الجنان، پاره:2، سورۂ بقره، تحت الآية:248، جلد:1، صفحہ: 373، بتغير۔

۾ دِل جو سڪون آهي، انهن جي برڪت سان مصيبت ٽرندي آهي، دُعا قبول ٿيندي آهي ۽ الله پاڪ جي رحمت ڇماڇم وسندي آهي.

## (۳): لفظ ”شعائرالله“ ۽ ان جي وضاحت

ٿيون لفظ جيڪو قرآنِ ڪريم تَبَرُّڪات جي لاءِ استعمال ڪيو، اهو آهي: شَعَائِرُ الله. شعائِرِ الله جي معني آهي: الله جون نشانيون. قرآنِ ڪريم ۾ اهو لفظ چار 4 ڀيرا آيو آهي. مُفَسّر قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ✿ هر اها شيءِ جنهن کي الله تعالي دينِ اسلام يا پنهنجي قدرت يا پنهنجي رحمت جي نشاني قرار ڏنو هجي ✿ هر اها شيءِ جنهن کي ديني عظمت حاصل هجي ان جي تعظيم مسلمان هئڻ جي نشاني هجي اها شَعَائِرُ الله آهي.[1] هڪ هنڌ لکن ٿا: انبياءِ ڪرام، مشائخ (يعني اولياءِ ڪرام) ۽ عالم سڳورا بہ شَعَائِرُ الله ۾ داخِل آهن بلڪ هي تہ شَعَائِرُ الله بنائڻ وارا آهن يعني جنهن شيءِ کي انهن سان نسبت ٿي وڃي اها شَعَائِرُ الله بڻجي ويندي آهي، مثال طور ✿ ڪعبو شريف ان ڪري تعظيم لائق ٿيو جو ان کي نبي سڳورن سان نسبت آهي، حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام هن کي بنائڻ وارا، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلام ان جي تعمير ۾ مدد ڪرڻ وارا، سيدِ انبياء، احمد مجتبيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هن سان محبت فرمائي. ✿ عرفات (جتي حج ٿئي ٿو). ✿ مِنيٰ (جتي حاجي قرباني ڪن ٿا، انهن کي بہ) عظمت وارو قرار ڏنو ويو، ان ڪري جو انهن کي الله وارن سان نسبت آهي، مِنٰي ۾ الله جا بہ 2 نيڪ ٻانها حضرت ابراهيم ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِما السَّلام قرباني پيش ڪئي.[2] ✿ الله پاڪ صَفَا ۽ مروه کي شَعَائِرُ الله فرمايو، ارشاد آهي:

---

[1]…تفسير نعيمی، پاره:6، سورۂ مائده، تحت الآية:2،جلد:6، صفحہ:172۔

[2]…مواعظ نعيميہ، صفحہ:221 بتغير۔

اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآىٕرِ اللّٰهِ ۚ
(پاره:2،سورۀ بقره:158)

ترجمو ڪنز الايمان:بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي نشانين مان آهن.

يعني صَفَا ۽ مَروَه، بہ مقدس جبل جتي الله جي نيڪ ٻانهيءَ، حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلام جي والده، حضرت هاجره رَحمةُ الله عليها پاڻي جي ڳولها ۾ ست (7)چڪر لڳايا، اهي ٻئي جبل ڪعبي شريف جي ويجهو آهن، قيامت تائين جي لاءِ جيڪو ٻانهو حج ڪري، جيڪو ٻانهو عمرو ڪري ان تي حضرت هاجره رَحمةُ الله عليها جي ياد ۾ انهن جبل تي ڊوڙڻ، ست (7) چڪر لڳائڻ ضروري آهي. خبر پئي تہ انبياءِ ڪرام، اولياءِ ڪرام، الله جي نيڪ برگزيده ٻانهن جا تَبَرُّڪات عظمت واريون شيون آهن، انهن جي تعظيم ڪرڻ دين جي علامت آهي.

## تَبَرّڪات جي تعظيم دل جي تقويٰ جي نشاني آهي

قرآنِ ڪريم شَعَائِرُ الله جي تعظيم ڪرڻ کي دِل جي تقويٰ فرمايو آهي، ارشاد آهي:

وَ مَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآىٕرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ تَقْوَى الْقُلُوْبِ ﴿۳۲﴾ (پ17،الحج:32)

ترجمو ڪنز الايمان: جيڪو الله جي نشانن جي تعظيم ڪري تہ اها دلين جي پرهيزگاري آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تبرڪات سان برڪت حاصِل ڪرڻ جو حڪم

بُخاري شريف، حديث:2889، خادِمِ مصطفيٰ حضرت انس بن مالِڪ رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي: هڪ ڏينهن الله جا آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ خيبر کان واپس موٽي رهيا هئا، صحابہ ڪرام عليهم الرِّضْوَان بہ گڏ هئا، مدينہ مُنَوَّره جي ويجهو پهتا، اُحد جي چوٽي نظر اچڻ لڳي، زِنده نبي، مڪي مدني

صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اُحُد تي نگاهِ ڪرم وڌي ۽ فرمايائون: هٰذَا جَبَلٌ يُحِبُّنَا وَنُحِبُّهُ هيءُ جبل اسان سان محبت ڪري ٿو، اسان هن سان محبت ڪيون ٿا.(1)

الله اڪبر! قربان وڃجي اُحُد جبل جي قسمت تان! اسان ڪي سالن جا سال ٿي ويا غلامي رسول جا نعرا لڳائيندي، قسمت وارو تہ اهو آهي جنهن کي آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ قبول ڪيو هجي.

| | |
|---|---|
| اللہ کا محبوب بنے جو تمہیں چاہے | اس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو |

جيڪو حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪري، حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جنهن کي پنهنجو محبوب چون، يقيناً ان جو شان، ان جو مقام ۽ رتبو نهايت اوچو آهي، پر هن جڳهہ تي جيڪو اهم نڪتو آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ دِل ۾ ويهارڻ جي ضرورت آهي اهو هي جو اسان جي آقا ومولىٰ، رسولِ خدا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اُن عاشق سان اُمت کي ڪهڙو رَوِيو رکڻو آهي؟ جامع صغير، حديث:239، رَسولِ بي مثال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اُحُد جبل سان اظهارِ محبت ڪيو، ان ڪان پوءِ فرمايائون: فَاِذَا جِئْتُمُوْهُ جڏهن توهان اُحُد جبل وٽ اچو، فَكُلُوْا مِنْ شَجَرِهٖ ان تي قُتڻ واري وڻ جا پن (تبرڪ طور) کائو!(2)

الله اڪبر! الله اڪبر! غور ڪريو! بظاهر بي جان نظر ايندڙ جبل الله جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت ڪري تہ بابرڪت ٿي وڃي، پوءِ ٻڌايو! ڇا غوثِ پاڪ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ حُضُور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت نہ ڪندا هئا، ڇا داتا علي هجويري رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ کي حضور صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان محبت نہ هئي، خواجہ غريب نواز رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ، بابا فريد رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ، سيدي اعلي حضرت

[1]…بخاری، جہاد و سِیَر کی کتاب،باب فضل خدمتِ…الخ، صفحہ:746، حدیث:2889۔

[2]…جامع صغیر، صفحہ:21، حدیث:239۔

رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، مولانا نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، ضياء الدين مدني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ ٻيا بزرگ سڳورا، اولياءِ ڪرام، ڇا انهن سيني ڪي ٻنهي جهانن جي آقا، سيني جي داتا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت نہ هئي؟ ضرور هئي، خدا جو قسم! اهي سيئي عاشق رسول هئا بلڪ اهي حضراتِ عالي وقار ماٺهن کي محبتِ رسول جا جام ڀري ڀري پيئارڻ وارا هئا، جيڪڏهن اُحُد جبل بابرڪت ٿي سگهي ٿو تہ ڇا اهي اولياءِ ڪرام بابرڪت نہ هوندا؟ پوءِ ڏسو! بلند شان واري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سان محبت جي نسبت اُحُد جبل کي ٿي، اُحُد جبل بابرڪت ٿيو پر حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان جبل تي پيدا ٿيڻ واري وڻ جي پنن کي کائڻ، انهن سان برڪت حاصِل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. معلوم ٿيو جيڪو محبوبِ خُدا، پياري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاهہ ۾ مقبول ٿيو، اهو پاڻ بہ بابرڪت آهي، ان سان نسبت رکڻ واريون شيون بہ بابرڪت آهن ۽ اسان جا سردار، مڪي مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ چاهين ٿا ۽ ترغيب ڏين ٿا تہ انهن شين کي بابرڪت سمجهيو بہ وڃي ۽ انهن مان برڪت حاصِل بہ ڪئي وڃي.

پوءِ ڳالهہ هتي ختم ناهي ٿي، حديثِ پاڪ ۾ هن کان اڳتي بہ حڪم ڏنو ويو، فرمايائون: وَلَوْ مِنْ عَضَاهِهِ توڙي جو اُحُد جبل تي ٿيندڙ وڻ جا صِرف ڪنڊا ئي ملن (برڪت جي لاءِ اهي ئي چٻائي وٺو!).[1]

علّامہ مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪنڊا چٻاڙڻ واري شيء نہ آهي، انهن کي چٻاڙڻ جي لاءِ گهڻي مشقت ڪٽڻي پوندي، فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو مطلب اهو آهي تہ اُحُد جبل جيڪو بابرڪت آهي، ان سان نسبت رکڻ واري وڻن مان برڪت جيڪڏهن آساني سان نہ وٺي سگهو تہ پاڻ کي مشقت ۾

[1]...جامع صغير، صفحہ:21، حديث:239۔

وجهي به برڪت حاصِل ڪيو! [1]

خبر پئي ته تَبَرُّڪات جي زيارت جي لاءِ انهن جي ويجهو وڃڻ، انهن کي ڇهڻ، انهن کي چُمڻ جي لاءِ جيتوڻيڪ ڏکهي لائن ۾ بيهڻو پوي، مشڪلات ڪٽڻي پئي، تڏهن به انسان کي گهرجي ته پاڻ کي مشقت ۾ وجهي، مشڪلاتون برداشت ڪري پر تَبَرُّڪات مان برڪت حاصِل ڪرڻ جو موقعو هٿان وڃڻ نه ڏئي.

ارے اَو نا سمجھ! قربان ہو جااِن کے روضے پر
یہ لمحے زندگی میں بار بار آیا نہیں کرتے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## تبرڪات جي برڪت سان اَمن ملندو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! تَبَرُّڪات کي هر گز معمولي نه سمجهو. انهن جي صدقي ۾ بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون آهن. تَبَرُّڪات عذاب کان بچڻ، اَمن ۾ رهڻ جو ذريعو آهن. قرآنِ مجيد ۾ مِصر جو ذِڪر ٿيو، اتي فِرعون حڪومت ڪندو هو، اهو ڪافِر هو، ان خُدائي جي دعويٰ ڪئي هئي، الله جي نبي حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جي مقابلي ۾ تڪبر ڪيو، سرڪش بڻيو، ان زمين ۾ فساد ڦهلايو، الله پاڪ ان کي، ان جي پيروي ڪندڙ قوم کي دريا ۾ غرق ڪري هلاڪ ڪري ڇڏيو. قرآن مجيد پڙهو، ترجمو ڪنز الايمان، تفسير خزائن العرفان، نور العرفان، يا تفسير صراط الجنان پڙهو، قرآنِ مجيد کي سمجهو ۽ ڏسو الله پاڪ سيپاري 8، سُوْرَهٔ اَعْرَاف ۾، سيپاري 19، سُوْرَهٔ شُعَرَاء ۾ ۽ ڪيئي هنڌن تي ڪافِر قومن جو تذڪرو ڪيو، انهن تي عذاب آيو، قومِ عاد

[1]...فيض القدير، جلد:1، صفحہ:239، تحت الحديث:239 ماخوذًا

ڪفر ڪيو، انهن تي عذاب آيو، انهن جي علائقي ۾ آيو، قومِ ثمود ڪفر ڪيو، ان تي عذاب آيو، ان جي علائقي ۾ آيو، قومِ لوط ڪفر ڪيو، انهن تي عذاب آيو، انهن جي علائقي ۾ آيو پر فِرعون تي عذاب انهن جي علائقي ۾ نہ آيو، انهن کي شهر مان ڪڍي درياءَ ۾ غرق ڪيو ويو. عالم سڳورن انهن جون حڪمتون لکيون آهن، هڪ حڪمت اها آهي تہ مِصر بابرڪت مقام آهي، هتي حضرت يوسف عَلَيْهِ السَّلام ۽ سندن يارهن پائر جيڪي الله جا ولي آهن، انهن جا مزار آهن، انهن جي برڪت سان مِصر کي برباد نہ ڪيو ويو بلڪ اتي رهڻ وارن ڪافِرن کي ڪڍي درياءَ ۾ غرق ڪيو ويو . قرآن شريف پڙهو، سپاري 9، سُورهِ اَعرَاف ۾ الله پاڪ فرعون جي غرق ٿيڻ جو واقعو ذِڪر ڪيو، ان ڪان پوءِ ٻڌايو تہ بني اسرائيل جن کي فرعون زبردستي پنهنجو غلام بڻايو هو، الله ڪريم انهن کي زمينِ مصر جي اولهہ ۽ اوڀر جو مالِڪ بڻايو، ارشاد آهي:

| | |
|---|---|
| وَ اَوْرَثْنَا الْقَوْمَ الَّذِیْنَ كَانُوْا یُسْتَضْعَفُوْنَ مَشَارِقَ الْاَرْضِ وَ مَغَارِبَهَا الَّتِیْ بٰرَكْنَا فِیْهَاؕ (پ9،الاعراف:137) | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ اسان وارث بنايو ان قوم کي جنهن کي ڪمزور رکيو ويو هو ان زمين جي مشرقن ۽ مغربن جو جنهن ۾ اسان برڪت رکي. |

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيت جي حوالي سان فرمائن ٿا: مِصر بربادي کان محفوظ رهيو ڇاڪاڻ تہ حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلام جو اولاد جيڪي اولياء الله آهن، انهن جا مزار مِصر ۾ آهن.[1]

## اولياء ڪرام جا مزار امن وارا ٿيندا آهن

: حضرت يحيٰ بن يحيٰ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نالي هڪ بزرگ گذريو آهي امام ابو حَسَن نيشاپوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن منهنجي قسمت جو تارو

---

[1]...تفسیر نعیمی، پارہ:9، سورۂ اعراف، تحت الآیۃ:137، جلد:9، صفحہ:160بتغیر قلیل۔

چمڪيو، مون ڪي خواب ۾ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت نصيب ٿي، مون ڏٺو: پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت يحيٰ بن يحيٰ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي مزار تي تشريف فرما ٿيا آهن، صَحَابہ ڪرام عليهم الرِّضۡوَان بہ گڏ هئا، پاڻ سڳورا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ امامت جي مصلّي تي تشريف وٺي آيا، صحابہ ڪرام عليهم الرِّضۡوَان پويان صَف ٺاهي ۽ پياري آقا، امام الانبيا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اقتداء ۾ نماز پڙهي. نماز کان پوءِ آقا ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: يحيٰ بن يحيٰ جي مزار هن شهر جي رهواسين جي لاءِ اَمان آهي.[1]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تبرڪات جي برڪت سان توبہ قبول ٿيندي آهي

بني اسرائيل جو اَباڻو وطن ملڪ شام هو، جڏهن حضرت يوسُف عَلَيۡهِ السَّلام مِصر جا بادشاهہ بڻيا، ان وقت حضرت يعقوب عَلَيۡهِ السَّلام ۽ سندن اولاد مِصر اچي ويو. جڏهن فرعون غرق ٿيو، ان وقت ملڪ شام تي قومِ عَمَالقہ جو قبضو هو. فرعون جي هلاڪت کان پوءِ الله پاڪ بني اسرائيل کي حڪم ڏنو: ملڪ شام وڃو! قومِ عمالقہ سان جهاد ڪيو! ۽ پنهنجو اباڻو وطن آزاد ڪرايو! بني اسرائيل ان تي دِل سان راضِي نہ هئا، نہ چاهيندي مجبور ٿي جهاد جي لاءِ روانا ٿيا، نيٺ "تِيہ" نالي هنڌ تي پهچي انهن بزدلي ڏيکاري ۽ چيائون: اي موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلام! اوهان پنهنجي رَبّ سان گڏ وڃو! جهاد ڪريو! اسان هتي ويٺل آهيون.[2] الله! الله! اهڙي بُزدِلي...!!

هڪ پاسي بني اسرائيل آهن، انهن تي آسمان تان ڪاڏا لٿا، ان جي باوُجود انهن بزدلي ڏيکاري، رَبّ جي نعمت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي

---

1...سِيَرُ اَعۡلَامِ النُّبَلاء، جلد:12، صفحہ:292۔

2...عجائب القرآن، صفحہ:31 خلاصةً۔

جان نثارن کي ڏسو! ڪڏهن صِرف ڪجورن تي گُذارو آهي، ڪڏهن بُکن تي آهن، بُک جي شِدَّت سان پيٽ تي پٿر ٻڌل آهن، ان جي باوُجود جنگ بَدَر ۾ سڏيو ويو، بدر ۾ پهتا، جنگ اُحد ۾ سڏيو ويو، اُحُد ۾ پهتا، ڪڏهن 313 جو لشڪر 1000 جي لشڪر کي شڪست ڏئي رهيو آهي، ڪڏهن خيبر جا دروازا اُکيڙي رهيا آهن ۽ ڪڏهن رُوم ۽ ايران جي دروازن تي دستڪ ڏئي رهيا آهن، بني اسرائيل مَنّ وسلوٰي کائي بزدلي ڏيکاري، صحابہ ڪرام عليهم الرِّضْوَان بکايل رهندا هئا پر انهن جي رُعب سان وقت جا وڏا وڏا بادشاهه ڏڪڻ لڳندا هئا. الله پاڪ جون ڪروڙين رَحمتون هجن، انهن صحابہ ڪرام عليهم الرِّضْوَان تي، انهن مشڪلاتون برداشت ڪيون، پر دِين تي حرف بہ نہ اچڻ ڏنو.

خير! بني اسرائيل بزدلي ڏيکاري، الله پاڪ انهن کي مقامِ تِيہ ۾ قيد ڪري ڇڏيو، اهي صبح جو هلندا هئا، سڄو ڏينهن سَفَر ڪندا هئا، شام جو رُڪندا هئا تہ ڏسندا هئا تہ جتان ڪان هليا هئا، اتي ئي بيٺا آهن. 40سال اهي ماڻهو اتي ئي قَيد رَهيا.[1] آخر انهن جي اها قيد ختم ٿي، الله پاڪ انهن کي بَيتُ المَقدَس وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ اتي وڃڻ جا بہ آداب بيان ٿيا، فرمايو ويو:

| | |
|---|---|
| وَّادۡخُلُوا الۡبَابَ سُجَّدًا (پ:1، بقره:58) | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ دروازي کان سجدو ڪندي داخل ٿيو |

يعني بيت المقدس ۾ داخِل ٿيڻ وقت شڪراني طور سجدو ڪيو! يا اها معني آهي تہ شهر ۾ جهڪي ڪري اَدَب سان داخِل ٿيو. ٻيو حڪم اهو ٿيو تہ

| | |
|---|---|
| وَّ قُوۡلُوۡا حِطَّةٌ نَّغۡفِرۡ لَكُمۡ خَطٰيٰكُمۡ ؕ (پاره:1، سورهٔ بقره:58) | ترجمو ڪنز الايمان: ۽ چئو تہ اسان جا گناهہ معاف ٿين، اسان اوهان جا گناهہ بخشي ڇڏينداسين. |

[1]...عجائب القرآن، صفحہ:32 خلاصةً۔

هن جڳهه هڪ سُوال آهي: توبہ ڪتي بہ ڪئي وڃي، اللّٰه پاڪ ٻڌندو ، جاڻيندو، ڏسندو آهي، پوءِ بني اسرائيل کي بَيتُ المَقدَس ۾ موڪلي، دروازي ۾ داخِل ٿيڻ وقت گُنَاهن جي مُعَافِي گهرڻ ۽ شهر ۾ اَدَب سان جهڪي داخِل ٿيڻ جو حڪم ڇو ڏنو ويو؟ ان جي جواب ۾ عالم سڳورا فرمائن ٿا: بَيتُ المَقدَس بابرڪت جڳهه آهي، اتي انبياءِ ڪرامعليهم السَّلام ۽ اَولياءِ ڪرام جا مزار آهن.[1] خبر پئي تہ اللّٰه جي نيڪ ٻانهن جي مزارن وٽ، انهن جي برڪت سان توبہ جلد قبول ٿيندي آهي، هن مان اهو بہ سکڻ لاءِ مليو تہ جتي انبياءِ ڪرام عليهم السَّلام ۽ اولياء جا مزار هجن ان شهر ۽ زمين جو بہ اَدب ڪرڻ گهرجي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تبرڪات سان شِفا ملي ٿي

تَبَرُّڪات جي هڪ برڪت اها آهي تہ انهن جي ذريعي اللّٰه پاڪ بيمارين کان شِفَا عطا فرمائيندو آهي. سيپاري 12، سورۂ يوسُف ۾ حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلام جي قميض مُبَارَڪ جو بيان ٿيو تہ حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلام جي جُدائي ۾ روئي روئي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلام جي نظر تي اَثر ٿيو هو، پوءِ حضرت يوسُف عَلَيْهِ السَّلام جي قميض مُبَارَڪ جيڪا حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلام کان ورثي ۾ ملي هئي، حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلام جي اکين تي لڳائي وئي تہ ڇا ٿيو؟ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| فَارْتَدَّ بَصِيْرًا ۚ (پاره:13، سورۂ يوسف:96) | ترجمو ڪنز الايمان: ان وقت سندس اکيون ٿي ويون |

## وبائي مرض مان شفا ملي وئي

علامہ مُلّا علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل ڪن ٿا: هڪ پيرو بغداد شريف ۾

---

[1]…تفسير نعيمی، پاره:1، سورۂ بقره، تحت الآية:58، جلد:1، صفحہ:410 خلاصةً۔

طاعون (Plague) جو مرض ظاهر ٿيو ۽ ايتري شِدَّت اختيار ڪري ويو جو روزانو هڪ هڪ هزار جنازا ڪڄڻ لڳا. ماڻهو گهٻرائجي ولين جي سردار، حُضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضِر ٿيا ۽ پريشاني جو ذِڪر ڪيو. حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: اسان جي مدرسي جي آس پاس جيڪو گاهه آهي، اهو جسم تي لڳايو ۽ ان کي کائو، الله پاڪ ان جي برڪت سان بيمارن کي شِفَا ڏيندو. وڌيڪ فرمايائون: جيڪو اسان جي مدرسي جي کوهه جو پاڻي پيئندو، ان کي بہ شفا ملندي. ماڻهن سندن فرمان تي عمل ڪيو تہ الحمد لله! انهن کي شفا ملڻ لڳي. راوي چون ٿا: ان کان پوءِ حُضُور غوثِ پاڪ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي ظاهري زندگي ۾ ڪڏهن بہ بغداد ۾ طاعون(Plague) نہ آيو.[1]

خدارا! مرہم خاکِ قَدَم دے | جگر زخمی ہے، دِل گھائل ہے یاغوث ![2]

## گلن جي هار ۾ هر مرض جي شفا

”حياتِ اعليٰ حضرت“ ۾ آهي: سيد ايوب علي صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وٽ اعليٰ حضرت، امام اهلسنت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا عطا ڪيل گل هئا، فرمائن ٿا: جيستائين اهو تبرڪ مون وٽ موجود رهيو مون کي ڪڏهن دَوا جي ضرورت ڪانہ پئي، مٿي جو سور ٿيندو هو تہ انهن گلن کي پيسي پيشاني تي لڳائيندو هيس، بُخار، زڪام، ڪنگهہ وغيره ٿيندي هئي تہ انهن ئي گلن کي پيسي، پاڻي ملائي پي وٺندو هيس ۽ الله پاڪ جي ڪرم سان مرض ختم ٿي ويندو هو.[3]

## تبرڪ جي برڪت سان نماز جي پابندي نصيب ٿي وئي

اي عاشقانِ رسول، اي عاشقانِ اولياء! الحمد لله! تَبَرُّڪات جي برڪت

---

[1]...تَفْرِيْحُ الخاطِر، صفحہ:43۔
[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:262۔
[3]...حياتِ اعليٰ حضرت، 205/3۔

سان گُناهن جا مريض بہ شِفا ماڻي ويندا آهن. پير مهر علي شاه صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي باري ۾ منقول آهي تہ هڪ شخص جنهن جو نالو هو: ملڪ خدا بخش، ان انگريزي تعليم حاصِل ڪئي ۽ انگريزن وٽ ئي ملازمت ڪندو هو، اهو چوي ٿو: انگريزن جي ملازمت ۽ انهن جي صحبت جو بُرو اَثر اهو ٿيو جو نمازن جي پابندي ختم ٿيندي رهي. مان هڪ ڏينهن پير سيد مهر علي شاه صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ حاضِر ٿيس. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پيئڻ جي لاءِ پاڻي گهرايو، بہ ڍُڪ پاڻ پيتا، باقِي مون کي عطا فرمايو، بَس اهو برڪت وارو پاڻي پيئڻ کان پوءِ الله پاڪ نمازن جو اهڙو پابند بڻايو جو ان کان پوءِ ڪڏهن بہ ڪا نماز ضايع ڪانہ ٿي.[1]

## اولياءِ ڪرام جي نالي جي برڪت

پيارا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام سان نسبت رکڻ واري هر شيءِ بابرڪت آهي. الله پاڪ انهن جي نالن ۾ بہ برڪت رکي آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اولياءِ ڪرام جي مُبَارَڪ نالن جي صدقي بہ مشڪلاتون حَل ٿينديون ۽ برڪتون نصيب ٿينديون آهن. جنتي اِبنِ جنتي، مفسرِ اُمَّت حضرت عبد الله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي: اَصحَابِ ڪهف (جيڪي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلام جا اُمَّتي ۽ بلند رتبي وارا ولي آهن، الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ انهن جي نالي جي هڪ سڄي سورت ”سورة الڪهف“ نازِل ڪئي، انهن جي) نالن جي صدقي مُرادون پوريون ٿينديون ۽ آفتون ٽرنديون آهن. ✿ ٻار روئيندو هجي تہ اَصحَابِ ڪهف جا نالا لکي ان جي مٿي هيٺان رکي ڇڏيو. اِنْ شَآءَ الله! ڪرم ٿيندو 2- فصل جي حِفَاظت مَقصُود هجي، فصل ۾ هڪ ڪاني کوڙي لڳايو ۽ اَصْحَابِ ڪهف جا مُبَارَڪ نالا ڪاغذ تي لکي ان ڪاني تي لٽڪائي ڇڏيو ✿ واري سان بخار ايندو هجي 2-مال ۾ برڪت چاهيو ٿا ✿ مال کي چوري کان بچائڻ جي لاءِ ✿

[1]...مہر منیر، صفحہ:593۔

بحري سَفَر ڪرڻو هجي، ٻڌڻ ڪان بچڻ جي لاءِ اَصحَابِ ڪهف جا مُبَارَڪ نالا لکي پاڻ وٽ رکو! اِنْ شَآءَ الله! ان جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون.(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن اوهان **اصحابِ ڪهف** جا مبارڪ نالا پاڻ نٿا لکي سگهو تہ پريشان نہ ٿيو، الحمدلله ! دعوتِ اسلامي جي شعبي **روحاني علاج** جي بستن تان **اصحابِ ڪهف جي مبارڪ نالن** وارو تعويذ في سبيل الله ڏنو ويندو آهي، ان جي برڪت سان خبر ناهي ڪيترن ئي **مريضن ڪي شفا** بہ ملي آهي.

## اولياءِ ڪرام جا نالاءِ تبرڪات قبر ۾ بہ ڪم اچن ٿا

ءِ سُبحٰنَ الله! ايمان افروز ڳالهہ ڏسو! اولياءِ ڪرام جا مُبَارَڪ نالا، انهن سان نسبت رکڻ واريون شيون صرف دُنيا ئي ۾ نہ، بلڪ مرڻ ڪان پوءِ قبر ۾ بہ ڪم اچن ٿيون. "شجره قادريہ رضويہ عطاريہ" جنهن ۾ نبين جي سلطان، رحمت عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ۽ 41 اولياءِ ڪرام جا نالا لکيل آهن ۽ اَشعَار جي صُورت ۾ انهن جي وسيلي سان دُعائون ڪيل آهن، هن شجري شريف جي برڪت جي هڪ حڪايت ٻڌو ۽ ايمان تازو ڪريو. آگسٽ 2004ء ۾ پاڪستان جي مشهور شهر حيدر آباد جي هڪ عطاريہ اسلامي ڀيڻ جو انتقال ٿيو. انهن کي غسل ڏيندڙ اسلامي ڀيڻ ان جي رشتيدار خواتين کي شجره قادريہ رضويہ عطاريہ ڏنو ۽ چيو: اهو انهن جي قبر ۾ رکرائي ڇڏجو. گهر جي مرد افراد جي ذريعي شجرو شريف انهن جي قبر ۾ رکرايو ويو. ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ مرحومہ پنهنجي هڪ رشتيدار اسلامي ڀيڻ کي خواب ۾ شاندار بستر تي وينل نظر آئي اها ڏاڍي خوش نظر اچي رهي هئي. مرحومہ مُرڪي چيو: هيءُ شجرو شريف ونو ۽ ان اسلامي ڀيڻ جو شڪريو ادا ڪري واپس موٽائجو. اها ان جي امانت آهي.الحمد لله! هن شجري عطاريہ جي برڪت سان مون کي قبر

---

[1]…تفسير غرائب القرآن، پاره:15، سورهٔ کہف، تحت الآية:22، جلد:4، صفحہ:412۔

۾ تمام گهڻو سڪون مليو.[1]

## اولياءِ ڪرام جا ڪم بہ بابرڪت آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام جي ادائن کي اَدا ڪرڻ بہ تبرڪ جي هڪ صُورت آهي. شاهہ ولي الله محدث دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو دِل کي پاڪ ڪري ملائڪن جيان بڻجڻ چاهي ٿو، اهو بہ 2ڪم ڪري (1):پاڪ صاف رهڻ جو اهتمام ڪري (2): ۽ پُراڻيون مسجدون جتي اولياءِ ڪرام نماز پڙهي هجي، اتي نماز ادا ڪري.[2]

اهڙي طرح جيڪو ڪم ڪنهن الله واري شروع ڪيو هجي، اهو ڪم ڪرڻ مثال طور يارهين شريف جي محفل سجائڻ، قصيده بُردَه شريف پڙهڻ، دُرُودِ تاج جو وظيفو ڪرڻ وغيره بہ برڪت حاصل ڪرڻ جو ذريعو آهي. الحمد لله! دورِ حاضِر ۾ "تبرڪاتِ اولياء" جو فيضان مزيد عام ڪرڻ، ماڻهن جي دلين ۾ تبرڪات جي محبت وڌائڻ ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي نمايان ڪردار ادا ڪيو آهي. دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول جي هڪ خوبي اها آهي تہ هن ماحول ۾ "تبرڪاتِ اولياء" جو ادب واحترام ڪرڻ، انهن مان برڪتون ماڻڻ جي ترغيب تہ ڏني ئي ويندي آهي، گڏوگڏ "ڪردارِ اولياء" مان برڪتون وٺڻ، اولياءِ ڪرام جون ادائون اپنائڻ جي بہ خوب تربيت ڪئي ويندي آهي. مثال طور دين جي تبليغ جي لاءِ گهر ڇڏڻ، دين جي راهہ ۾ قربانيون ڏيڻ اولياءِ ڪرام جو محبوب عمل آهي، هن "اداءِ اولياء" جي برڪت ماڻڻ، سنتون عام ڪرڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي تحت هزارين عاشقانِ رسول مدني قافلن ۾ سفر ڪندا رهن ٿا. گهٽين، بازارن ۾، گهر وڃي، هڪ هڪ سان ملي نيڪي جي دعوت ڏيڻ، سُنت تي عمل جي ترغيب ڏيارڻ، اصلاحِ نفس

---

[1]…شرح شجره قادريہ رضويہ عطّاريہ، صفحہ:159۔

[2]…فيوض الحرمين (مترجم)، صفحہ: 25-26۔

جو ذِهن بنائڻ اولياءِ ڪرام جو طريقو رهيو آهي، الحمد لله! دعوتِ اسلامي وارا بہ انفرادي ڪوشش جون برڪتون ماڻيندا، گهر گهر، دُڪان دُڪان وڃي علاقائي دورو ڪندا ۽ اداءِ اولياء اپنائيندا آهن.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ڪم: مسجد درس

دَرس ڏيڻ انبياءِ ڪرام عليهم السّلام ۽ اولياءِ ڪرام جو محبوب عمل آهي الله جا نبي حضرت خَنُوخ عَلَيْهِ السَّلام ايترو ڪثرت سان دَرس ڏيندا هئا جو سندن لقب ئي اِدريس (درس ڏيڻ وارو) پئجي ويو هو، اسان جا پير غوثِ اعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان دَرس ڏيندو رهيس، ايستائين جو الله پاڪ مون کي قُطبِيت جو درجو عطا ڪيو. الحمد لله!عاشقانِ انبياء و اولياء جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي مسجد دَرس جي صُورت ۾، گهر درس جي صُورت ۾، چوڪ دَرس جي صُورت ۾ هن ديني ڪم کي تمام گهڻو عام ڪيو آهي. دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن مان روزانو جو هڪ ديني ڪم آهي: **مَسجِد دَرس.** ✿ مَسجِد دَرس ڇا آهي؟ ڪيئن ڏنو ويندو آهي؟ ✿ اسان مَسجِد دَرس ڏيڻ ڪيئن سکي سگهون ٿا؟ ✿ مَسْجِد دَرْس جا ڪهڙا فائدا آهن؟ هن سان ڪهڙيون برڪتون ملن ٿيون؟ هن باري ۾ بي مفيد معلومات جي لاءِ 52 صفحن جو رسالو ”مسجد دَرس“ مڪتبة المدينہ تان طلب ڪريو. اوهان اهو رِسالو دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان ڊاؤنلوڊ بہ ڪري سگهو ٿا.

## مسجد دَرس جي مدني بهار

اڇو! دَرسِ فيضانِ سُنّت جي هڪ بهار ٻڌايان ٿو. ڪوٽ مومن (ضلع سرگوڌا) جي هڪ قريبي ڳوٺ للياني ”ديره محمد علي شيخ“ جي رهندڙ هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مان گُناهن ۾ غرق هيس ۽ گُناه ڪري ڪري منهنجي دِل سخت ٿي چڪي هئي، بدنگاهي ۽ والدين جي نافرماني جهڙا گُناه منهنجي

معمول ۾ شامل هئا، منهنجي گُنَاهن ڀري زندگي ۾ هدايت جي روشني ائين آئي جو هڪ ڏينهن دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ جي دعوت تي دَرس ۾ شريڪ ٿيس، درس جا الفاظ اهڙا تاثير ڀريا هئا جو منهنجي دل ۾ لهي ويا، گُنَاهن جي مِير لهڻ لڳي، مون کي پنهنجي اڳوڻي زندگي تي افسوس ٿيڻ لڳو. هاءِ! زندگي جو هڪ وڏو حصو غفلت ۾ گذري ويو. دَرس جي ذريعي نصيحت جي انمول موتين منهنجي مرده دِل کي زِنده ڪري ڇڏيو، مون انهيءَ وقت توبہ ڪئي ۽ آئنده گُنَاهه نہ ڪرڻ جو پختو اراده ڪيو. الحمد للّٰه! منهنجو ڪجھ گهڙين جي لاءِ دَرسِ فيضانِ سُنّت ۾ شرڪت ڪرڻ منهنجي زندگي ۽ آخرت جي بهتري جو ذريعو بڻجي ويو. هاڻي مان عطاري آهيان، پنج (5) وقت جي نماز باجماعت اها بہ پهرين صَف ۾ ادا ڪرڻ جي سَعَادت ماڻي رهيو آهيان.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شَهنْشاهِ نُبُوت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمانِ جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي هو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## حلم سُنّتِ مصطفي آهي

بہ 2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): حِلم وارو دُنيا ۾ بہ سردار آهي، آخرت

1... مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،الفصل الثانی،۱/۵۵،حديث:۱۷۵

۾ بہ سردار آهي.[1] (2):حِلم جي ذريعي ٻانهو ڏينهن ۾ روزو رکڻ ۽ رات جو قيام (يعني عبادت) ڪرڻ واري جو درجو ماڻي وٺندو آهي.[2]

**اي عاشقانِ رسول!** حِلم (بردباري) سُنّتِ مصطفيٰ آهي. ✿ اسان جي پياري آقا، مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪڏهن بہ اجائي ڪاوڙ نہ ڪئي. ✿ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ پنهنجي ذات جي حوالي سان ڪنهن کان انتقام نہ ورتو. ✿ اڳوڻي آسماني ڪتابن ۾ رسول اڪرم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو اهو وَصف بہ بيان ٿيو: پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ سان جيترو **جهالت** وارو برتاؤ ڪيو ويندو، اوترو ئي سندن حِلم وڌندو ويندو آهي.[3]

<u>حِلم بابت مدني گل</u>: ✿ حِلَم الله پاڪ جي صِفَت آهي. ✿ حِلَم الله پاڪ کي محبوب آهي. ✿ حِلَم انبياء جي سُنت آهي. ✿ حِلم جي معنٰي آهي: آهستگي، بُرد باري (نرم مزاجي). امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: **تحمل** (يعني بردباري) ڪاوڙ پيئڻ کان افضل آهي ڇوتہ ڪاوڙ پيئڻ جي ضرورت ان کي هوندي آهي، جنهن جي ڪاوڙ شديد ٿي وڃي، جڏهن تہ حِلم واري کي ڪاوڙ ۾ جوش ناهي ايندو.[4]

<u>حلم حاصل ڪرڻ جا طريقا</u>: ✿ حِلم تڪلف سان ايندو آهي (يعني ڪوشش سان، تڪلف ڪري ڪاوڙ پيئندو رهي، آهستہ آهستہ طبيعت ۾ حِلَم پيدا ٿي ويندو). ✿ عمامو ٻڌڻ سان حِلم وڌندو آهي. ✿ ٻڪريون چارڻ سان بہ طبيعت ۾ حِلم پيدا ٿيندو آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!     صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

[1] …جامع صغير، صفحہ:233،حديث:3831۔

[2] …مَجْمَعُ الزَّوائِد، کتابُ الْاَدَب، باب حُسْنِ اَخْلاق کے بیان میں، جلد:8، صفحہ:19، حديث:12687۔

[3] …صِراط الجنان، جلد:2، صفحہ:79۔

[4] …اِحْیَاء العلوم مترجم، جلد:3، صفحہ:535۔

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**"**اميرِ اهلسنت** دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ **جا ٻہ** رسالا "**101 مدني گل**" ۽ "**163 مدني گل** هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ** وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.** [1]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ

---

[1] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[2] ...القول البديع، الباب الثانى، ص277،

[3] ...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(1)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.(3)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

---

[1]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[2]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305